# سنڌي آزاد نظم جو فن ۽ تاريخ: هڪ اڀياس

# Study of Art and Evolution of Sindhi Free Verse Literature Poem

**محمد شريف "شاد" سومرو**

***ABSTRACT:***

*Modern Poem is the most important Poetry of Sindhi. Modern Poem is a crowd of forms. Two forms are the main kind of modern Poem. They are Free verse, Prose Poem, modernism and Modern Poem is a Multidimensional term having sprit of philosophy and Art. Free verse is the most important form of Sindhi poetry. First of all, the first Sindhi free verse written by Shaikh Abdul Razaque "Raz" his free verse`s topic: "Richness and Poverty".*(اميري ۽ غريبي)

*After his free verse, many poets written the free verses. With in this reference introduce the Art of free verse by Shaikh Abdul Razaque "Raz" and wrote the articles in defence of free verse as: "Sindhi Literature and new movemen .*(سنڌي ادب ۽ جدت پسند تحريڪ)

*If we look at the history of Sindhi Poetry, many Poets have been written free verses, in their own style. Shaikh Ayaz and others modern poets are written very beautiful free verses. Ghulam Muhammad "Giramy" and Shamsherulhydry provide the Shelter to free verse in Sindhi, many articles are written by them .*

*In this paper I have Analysed the Art, structure and evolution of free verse in Sindhi.*

آزاد نظم، جديد شاعرن جي اهم ۽ مقبول صنف آهي، جديد سنڌي شاعريءَ ۾ آزاد نظم پنهنجي ارتقا جي طرف وڌي رهيو آهي ۽ پاڻ مڃائي چڪو آهي. دنيا جي تقريبن ساهتي ٻولين ۾ آزاد نظم لکيو ويجي ٿو. ننڍي کنڊ جي سڀني ٻولين ۾ جديد شاعرن، پنهنجو اظهار ئي آزاد نظم جي صنف ۾ ڪن ٿا. هندستان، پاڪستان، بنگال وغيره ۾ آزاد نظم جوان ٿي چڪو آهي. بلڪ ايشيا کنڊ جي تقريبن سڀني ٻولين ۾ رائج ٿي چڪو آهي. دنيا جي ادب تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ آزاد نظم جا آثار مشرق جي قديم ڪتابن، ويدن ۾ موجود آهن، اڳاتا اهڃاڻ بائيبل ۾ بہ ملن ٿا، هڪ صنف طور باقاعده سڀ کان اڳاتو آزاد نظم جو مجموعو جرمني زبان جي شاعر نوواليز جي ڪتاب

"Hymns to the night" آهي. جيڪو 1801ع ۾ شايع ٿيل آهي. يعني اوڻيهين صدي جي شروعات ۾ منظر عام تي اچي چڪو هو. باقاعده شعوري طور تي آزاد نظم جي تاريخ ڪا گهڻي پراڻي ڪونهي. هن صنف جو آغاز اوڻيهين صدي جي آخر ڏاري ملي ٿو. جنهن جي ابتدا فرانس کان ٿيل ڏسجي ٿي. جنهن جو پهريون موجد 'ويلي گرئفن' کي ڪوٺيو ويو آهي. آزاد نظم دنيا جي ساهتي ٻولين ۾ جرمني، فرانسيسي، انگريزي، آمريڪي، عربي، ترڪي، فارسي، چيني، روسي، جاپاني، هندي، سنڌي، بنگالي، ڪشميري، بلوچي، براهوي، پشتو، پنجابي، سرائڪي ۽ اردو ۾ رائج ٿي چڪو آهي.

آزاد نظم جو رواج ڪيئن ۽ ڪڏهن پيو ۽ ٻين ٻولين تائين ڪيئن پهتو يا انهن جا محرڪ ڪهڙا هئا. خاص طور تي فرانسيسي ادب، جنهن جو سڄي دنيا ۾ آزاد نظم جي حوالي سان تحريڪ جو آغاز ٿيل ڏسجي ٿو. يعني شعوري طور ويلي گرئفن ۽ گستائو ڪان فرانسيسي ٻوليءَ جو فطري مطالعو ڪري پراڻن بندڻن کي ٽوڙيو نه صرف ٽوڙيو بلڪ ٻوليءَ کي فطري سڀاءُ مطابق ڪتب آندو.

سنڌي شاعريءَ ۾ شروع کان ئي نظم جو لاڙو رهيو آهي. سنڌي بيتن واري شاعري ۾ اسان کي موضوعاتي تسلسل ملي ٿو جيڪو موضوعاتي شاعري (Theme Poetry) جو بنياد آهي. موضوعاتي شاعري ۾ ڪهاڻين جو ڪردار، خاص ماحول، انهن جو عمل ۽ ردعمل، سڀ اهڙن ڪردارن جو تسلسل سان بيان، نظم جي طرف وٺي وڃي ٿو شاهه لطيف رح وٽ ته منظر ڪشي ۽ مسلسل بياني جو مظهر آهي، سر سارنگ جو بيت جيڪو "سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار، دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين." اهي ٻئي مصرعون بيت جو آخري مصرعون آهن، پر هن سڄي بيت ۾ جنهن مانداڻ جو منظر آهي، ان ۾ سڄي دنيا جي مٿان ڪڪرن جي اچڻ وڃڻ جو منظر آهي. هن بيت ۾ نظم جو پلاٽ، تسلسل خيال جي ارتقا ۽ عروج آهي.

"بيت جي هيئت کي ڏسڻ سان، اسان کي ان مسلسل بيانيءَ جو جيڪو واضح اندازو ٿئي ٿو تنهن مان ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ نظم جو لاڙو معلوم ڪري سگهجي ٿو." (1)

" مثنويون، قصيدا، مرثيا، شهر آشوب، هِجَو، مسمط وغيره ان دور جي نظم جون هيئتون آهن." (2)

عروضي نظم جون صنفون جيڪي اسان وٽ مقبول رهيون آهن، تن ۾ مسمط واري صنف جا مختلف نمونا، مثلث، مربع، مخمس، مسدس، مسبع، مثمن، متسع، معشر وغيره سڀ ان وقت جي نظم جون صنفون آهن. جيڪي ان وقت جي اظهار جو

وسيلو رهيون آهن. سٽ واري ڏهاڪي تائين مذڪوره صنفن جي ذريعي اظهار جو سلسلو ملي ٿو. تنهن کان بعد جديد نظم جي رائج ٿيڻ ڪري انهن جو استعمال گهٽجڻ لڳو ۽ نظم جي نون لاڙن، مغربي سانچن کي اظهار جو وسيلو بڻايو ويو.

آزاد نظم سنڌيءَ ۾ ڪو اوچتو نازل ڪونہ ٿيو آهي. پر اهو بہ تاريخي تسلسل جي ڪڙي آهي. جهڙيءَ ريت مسمط جون ڪڙيون يا گهاڙيتا ان دور جي اظهار جي پيرائي لاءِ ڪتب آندا ويا. پر جديد نظم جنهن جا گهاڙيتا نظم، آزاد نظم، بنا قافيي نظم، نثري نظم وغيره سڀ جديد نظم جي ڪڙي آهن، جيڪي موجوده دور جي اظهار جو اهم ذريعو آهن.

هر دور جي پنهنجي پنهنجي تقاضا هوندي آهي. مسمط پنهنجي وقت جي اهم گهرج هئي، جديد نظم موجوده وقت جي اهم ترين ضرورت اهي. سياڻي اجا وڌيڪ تجربا ڪري وري نيون صنفون عمل ۾ آنديون ويندييون، اهو هڪ تاريخي سلسلو آهي، جيڪو هلندو رهندو، جنهن جو ڪوئي انت نہ آهي. آزاد نظم بہ ان تاريخي سلسلي جي ڪڙي آهي.

”آزاد نظم کي بہ جيڪڏهن اسين ان جي شروعاتي مرحلن کان وٺي نہ ڏسنداسين تہ پوءِ ان جي اصل ڪيفيت معلوم ٿي ڪانہ سگهندي. هڪ مغربي صنف هجڻ جي باوجود جنهن نموني اها اسان جي جديد نظم مان ڦُٽي نڪتي آهي. سو سنڌي شاعريءَ جي ارتقائي سلسلي جو ئي هڪ جز آهي.“ (3)

انهيءَ مان واضح ٿئي ٿو تہ سنڌي شاعريءَ جو ارتقائي عمل جاري آهي، جنهن ۾ شروع کان وٺي نظم جو لاڙو (Trend) رهيو آهي. يا نظم جي طرف جهڪاءُ (Tendency) رهيو آهي. بقول شمشير الحيدريءَ جي، تسلسل ان جو فني مزاج آهي.“

”نظم جي نئين هيئت جو پهريون اثرائتو قدم ڪشچند ”بيوس“ کنيو ۽ ان کان پوءِ نارائڻ شيام، شيخ راز ۽شيخ اياز سندن انوکن تجربن کي نون شاعرن ڦهلايو، ايتري قدر جو ”نظم“ ئي جديد دور جي شاعريءَ جو سڀ کان نمايان نشان بڻجي ويو آهي.“ (4)

شمشير الحيدري پنهنجي مقالي ۾ ڪشنچند بيوس جو نظم، ”قدرت وارا“ جو مثال ڏيئي ثابت ڪيو آهي تہ رڪنن جي گهٽ وڌائي جي شروعاتي ڪوشش ڪشچند ”بيوس“ ڪئي.

سپ ڪن تنهنجي ساراهہ قدرت وارا!

نرمل جوتي نور نظارا، (5)

تقطيع:

1 2 3 4 5

سپ ڪن /تنهنجي/ساراهہ /قدرت/ وارا

(فعلن/ فعلن/ فعلن/ فعلن / فعلن

1 2 3 4

نرمل/ جوتي/ نورن/ ظارا

(فعلن/ فعلن/ فعلن/ فعلن)

پهرين مصرع ۾ پنج رڪن آهن ۽ ٻي مصرع ۾ چار رڪن آهن. اهڙي نموني سڄي نظم ۾ ست بند (Stanza) آهن. هر هڪ بند، ٽن مصرعن تي مشتمل آهي. هر هڪ بند جي مصرعن ۾ رڪنن جي گهٽ وڌائي صاف نظر اچي ٿي. ڪن ۾ چار تہ ڪن ۾ وري ساڍا چار تہ ڪن ۾ وري پنج رڪن رکيا ويا آهن. مطلب تہ خيال کي اوليت ڏيندي پابند نظم وارا اصول، ٽوڙيا ويا آهن، حالانڪ اهو پابند نظم ئي آهي، اسان هن کي آزاد نظم نہ سڏيندا سين. پر اهو نظم مقرر بحر ۾ ناهي.

”عروضي شاعريءَ جي ڪنهن بہ صنف ۾ بحرن جا رڪن گهٽ وڌ نہ آهن. رڪن اهڙو عروضي ايڪو (Prosodic Unit) آهي، جنهن جو تعداد سڀني سٽن ۾ ساڳيو رکڻو آهي.“ (6)

شيخ اياز جو نظم، ”منهنجي جهوليءَ ۾ آ تہ ٻگايان مان“.:

منهنجي جهوليءَ ۾ آ، تہ ٻگايان مان

چنڊ، اڄ تون اداس آهين ڪجهہ،

نور مان ٿيو نراس آهين ڪجهہ

ٻالهڙيون ڪجهہ ڪري محبت سان

گهاوَ تنهنجا سپي نفاست سان

تنهنجي منهن تان گهٽا هٽايان مان. (7)

هن نظم ۾، عروضي صنف جي قافين وانگر، قافيا نہ ملايا ويا آهن، بلڪ جيڪا عروضي صنفن ۾ قافين جي پابندي آهي، ان کي ٽوڙيو ويو آهي. ٻي ۽ ٽين مصرع پاڻ ۾ هم قافيہ ۽ ٽين چوٿين، پاڻ ۾ هم قافيہ آهن. پهرين ۽ ڇهين مصرع پاڻ ۾ هم قافيہ آهن. هن

نظم کي انگريزي اسٽينزا ورس (Stanza Verse) بندن جي نظم سان ڀيٽي سگهون ٿا، يعني مروج عروضي نظم جي صنفن کان انحرافي جو پهريون نمونو آهي.

سنڌيءَ ۾ هن قسم جا انوکا تجربا ڪري جديد نظم لاءِ راهه هموار ڪئي ويئي. يا اياز جو پيو نظم جيڪو شمشير الحيدري پنهنجي مقالي ۾ مثال طور ڏنو آهي. ”مالک لڳي جو موتي موتي“ ۾ بہ قافين جي سٽاءَ عروضي نظم واري صنفن جي قافين جي انحرافي آهي ۽ حرڪتن جي بہ گهٽ وڌائي آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ مروج پابندي کي ٽوڙي، جديد نظم لاءِ نئون رستو گهڙيو ويو. هن ۾ آزاد نظم جي ابتدائي شڪل نظر اچي ٿي. اهو انحرافائي آزاد نظم جو محرڪ ثابت ٿئي ٿو.

”اهڙيءَ طرح نظم جي هيئت ۾ اهو ابتدائي انحراف، آزاد نظم جي ضرورت کي ثابت ڪري ٿو. نارائڻ شيام ۽ هري دلگير جي گڏيل پهرين شعري مجموعي ۾ بہ اهڙا مثال ملي ويندا. آزاد نظم ۾ نظم جي فني مزاج يعني ”تسلسل“ کي مڪمل ڪرڻ جا سمورا امڪان موجود رهيا آهن. ان ۾ خيال جي مسلسل اڏام جي راهه ۾ رنڊڪ بڻجندڙ ڳالهين، قافين، رديف ۽ بحر جي قيد ۾ سخت گير قاعدن کي هٽائي ترنم جو اندازو اختيار ڪيو ويو آهي، يعني ترنم يا ردم اچارن وسيلي پيدا ٿئي ٿو.“ (8)

”بيوس“ ۽ ”اياز“ جي جن نظمن جا مثال ڏنا ويا آهن. سي بهرحال ”پابند نظم“ ئي چيا ويندا. ڇو تہ انهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن نموني جي، پنهنجي مقرر ترتيب موجود آهي، پر هتي اسان کي ان مان اهو نتيجو حاصل ٿئي ٿو تہ آزاد نظم ۾ نظر ايندڙ بحر ۽ قافيي جي ترتيب کان واضح انحراف ڪا اوچتي ايجاد ڪانہ آهي. بلڪ سنڌي شاعرن جي مختلف تجرباتي مرحلن سان ان جي تشڪيل ٿي آهي.“ (9)

هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ بيتن واري ٿيم پوئٽري (Theme Poetry) ۾ نظم جا عڪس نظر اچن ٿا ۽ مروج عروضي نظم جون صنفون جن ۾ مسلسل غزل ۽ مسمط جا مختلف نمونا، مرحلا طئي ڪندي اچي جديد دور ۾ ”نظم“ (Poem) پنهنجي مڪمل صورت سان سامهون آيو آهي. جديد دور ۾ جيڪي تجربا ملن ٿا، يعني مقرر ڪيل بحرن ۾ رڪنن جي تبديلي جا تجربا، آزاد نظم کي وجود ۾ آڻڻ جا محرڪ ثابت ٿين ٿا، جن مان ثابت ٿئي ٿو تہ آزاد نظم ڪو اوچتو اسان وٽ نازل ڪونہ ٿيو بلڪ پنهنجي ئي سنڌي شاعريءَ جي سرچشمن مان نڪري نروار ٿيو آهي.

آزاد نظم، بنيادي طور صعنتي انقلاب جي پيداوار آهي. جاگيرداري نظام خلاف هڪ مضبوط پليٽ فارم آهي. ماديت ۽ رومانيت جي حوالي سان، انساني تاريخ جو هڪ

وڏو انقلاب آهي. اهو ئي سبب آهي جو صنعتي سماج جي انسان ۾ به وڏي وسعت پيدا ٿي ۽ پنهنجي سوچ ۽ ذهن جو دائرو وسيع ترين ڪيو. جنهن ۾ ڌرتيءَ جي مٿيءَ کان وٺي ڪائنات جي لڪيل رازن کي فاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. انهيءَ ڪري جديد دور جي انسان, تخليق لاءِ وسيلا پيدا ڪيا, آزاد نظم يا جديد نظم, انهيءَ انقلابي روين جو نتيجو آهي, جيئن مٿي ثابت ڪيو ويو ته آزاد نظم اوچتو ئي اوچتو نه آيو آهي, بلڪ ان لاءِ اڳواٽ ئي سنڌي ادب ۾ رستو گهڙيو ويو. رڳو يورپ کان آزاد نظم جي گهاڙيٽي جي اچڻ جو انتظار هو. باقي ساز و سامان, رنگ ۽ ڍنگ ۽ مزاج پنهنجي ماحول مطابق آندو ويو تقريبن نئين ٽهي جا شاعر آزاد نظم جهڙي صنف کي پنهنجي محبوب صنف سمجهي ان ۾ طبع آزمائي ڪري رهيا آهن.

برصغير ۾ 1936ع ۾ ترقي پسند ادبي تحريڪ جي شروعات ٿي, جنهن اظهار لاءِ نوان لاڙا متعارف ڪرايا. اهڙي طرح سنڌي ۾ به ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن جو لڏو پيدا ٿيو ۽ ترقي پسند ادبي تحرڪ جا اثرات قبول ڪندي, پراڻن سانچن کي پري ڪٽي اڇلايو ۽ نوان خيال, نين صنفن ۾ پيش ڪيا. اهڙي نمونی آزاد نظم اسان وٽ سنڌي ادب ۾ شامل ٿي ويو. جيڪو هن وقت نوجوانن جي اظهار جو وسيلو آهي.

## آزاد نظم جا سرجڻهار:

شيخ عبدالرزاق "راز", نارائڻ شيام, هري دلگير, شيخ اياز, بشير مورياڻي, شمشير الحيدري, بردو سنڌي, غلام محمد گرامي, نعيم دريشاڻي, سڳن آهوجا, گووردڻ محبوباڻي ڀارتي, امداد حسيني, سرويچندر شاد, امر جليل, استاد بخاري, فتاح ملڪ, ذوالفقار راشدي, ارجن شاد, محسن ڪڪڙائي, راز ناٿن شاهي, وفا ناٿن شاهي, وفا ولي محمد پلي, تاج بلوچ, عبدالحڪيم ارشد, ملڪ نديم, آثم ناٿن شاهي, تنوير عباسي, رنگريز غلام حسين, عنايت بلوچ, نثار بزمي, سحر امداد, الطاف عباسي, واجد ناز, انور پيرزادو, سرڪش سنڌي, افضل قادري, حبيب بروهي, ادل سومرو, اياز گل, رسول ميمڻ, نصير مرزا, منور سلطانه, مير محمد پيرزادو, جي الانا "عاجز", ذوالفقار سيال, عبدالغفار تبسم, موهن ڪلپنا, ناگپال, نظام "زائر", ڊاڪٽر الهه بچايو "انور", ڀَرُنَ سنڌي, بشير سيتائي, آڪاش انصاري, قاضي مقصود گل, آسي زميني, راشد مورائي, ايوب گاد, غلام رسول غريب ٽالپر, بخشڻ مهراڻوي, حسن درس, حسن مجتبيٰ, محمد علي پناڻ, مقبول مارو, احمد علي صابر

چانڊيو، وسيم سومرو، علي آڪاش، علي اظهار، مقصود احمد قاضي، منصور ملڪ، سليم چنا، اظهر قريشي، عابد مظهر، ممتاز عباسي، اياز جاني، ڪوي، زبيده ميتلو وغيره.

سوڀراج نرمل داس فاني (1883ع - 1956ع): آزاد نظم جو موجد نه آهي، جيئن ڪن اديبن هن کي مؤجد لکيو آهي: ”سنڌي ۾ آزاد نظم جي عمر تمام مختصر اهي، ورهاڱي کان ڏهاڪو کن سال اڳ، غالبن، سوڀراج فاني، پهريون سنڌي آزاد نظم لکيو جيڪو ان وقت، ”سنڌو“ رسالي ۾ ڇپيو. اهو جديد شاعريءَ ۾ مختلف نين صنفن ۾ تجربن جو دور هو.“(10)

”سنڌي ۾ پهريون آزاد نظم 1937ع ڌاري غالبا سوڀراج ”فاني“ لکيو هو، جيڪو بولچند راجپال جي ادارت هيٺ شڪارپور مان نڪرندڙ ”سنڌو“ رسالي ۾ ڇپيو هو.“ (11)

تحقيق ۾ ”غالباً“ لفظ جي گنجائش آهي ئي ڪونه. شمشير الحيدري صاحب پنهنجي تحقيق ۾ آزاد نظم جي اوسر جي سلسلي ۾ سوڀراج ”فاني“ کي پهريون سنڌي آزاد نظم تخليق ڪندڙ ڪوٺيو آهي. پر ان لاءِ غالبن لفظ استعمال ڪري تحقيق کي شڪ ۾ وجهي ڇڏيو. وري حوالو رسالي جو ڏنو ويو آهي، جيڪو هن وقت ناياب ٿي چڪو آهي. اهڙي رسالي جو حوالو ڏيڻ وقت اصل، تخليق کي سامهون آڻبو آهي. پوءِ ان جو حوالو صفحي نمبر سميت ماه ۽ سال سوڌو ڏبو آهي. جيئن آئينده جي محقق لاءِ رستو هموار رهي. ٻئي ڪنهن به اديب هن شاعر جي آزاد نظم جي موجد هجڻ جو ذڪر نه ڪيو آهي.

ان کان پوءِ تاج جويو صاحب هن طرف ڌيان ڏنو آهي، جنهن پنهنجي مقالي ”سنڌي نظم جي مني صدي“ ۾ شمشير الحيدري جي حوالي سان ئي نالو دهرايو آهي، پر پنهنجي طرفان سنڌو رسالي جو حوالو سال سميت ڏنو اٿائين. سال 1938ع ڄاڻايو اٿس، مگر نه مهيني جو ذڪر ڪيو آهي، نه اصل تخليق ڏني آهي. هن محقق به لفظ ”غالبن“ کي شمشير وانگر دهرايو آهي ۽ شمشير جو ئي حوالو ڏئي ٿو دراصل تاج جويو صاحب کي اهو پهريون سنڌيءَ جو آزاد نظم ڏيڻ کپندو هو. يعني اصل تخليق يا ڪاوش پيش ڪرڻ کپندي هئي، پر تخليق پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي. رڳو حوالي کان حوالو، تحقيق لاءِ ڪافي نه هوندو آهي.

سوڀراج فاني هڪ پڪو پختو شاعر هو. هن جي ڪلام ۾ نظم به آهي، پر هن جو ڪلام پابند يعني بحر وزن ۾ پوئيل آهي. هن جي پابند شاعري ۾ پابند نظم ملي ٿو. سندس ڇپيل مجموعن ۾ آزاد نظم ڇپيل ڪونه ٿو ملي، سندس تصنيفن جو تعداد چار آهي.

خيالي جهلڪا ۾ نظم پابند پنهنجي عنوان سوڏا موجود آهن. هي ڪتاب 1941ع ۾ ڪي تي شاهاڻي ڪراچيءَ مان شايع ڪرايو پنجاهه صفحن تائين شاعري ڏني وئي آهي. باقي ٻارنهن صفحا شعرن جي معنيٰ سمجهاڻين سميت ڏنا ويا آهن. سوڀراج فاني عروضي نظم جو شاعر هو.

”سوڀراج فاني کي ننڍپڻ کان شعر و شاعريءَ جو شوق هو. خدا ترس شخص هو. سندس شعر ۽ مضمون جدا جدا رسالن ۾ شايع ٿيا. هي موسيقيءَ جو به ڄاڻو هو. هي صاحب 15 مارچ 1956ع ۾ پارت ۾ پرلوڪ پڌاري ويو. فاني صاحب جو شعر وزن بحر جي لحاظ کان پختو آهي. سندس شعر ۾ رواني ۽ رس، خيال جي بلندي آهي.“ (12)

شيخ عبدالرزاق ”راز“ (1919 - 1983ع) ، شاعر اديب، نقاد ۽ ڪهاڻيڪار، ناول نويس به هو ۽ ترقي پسند ادبي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن به هو. ۽ سنڌي ادب ۾ نواڻ پسند هو. هن پنهنجي صلاحيت ۽ قابليت سان سنڌي شاعريءَ ۾ نوان تجربا ڪيا. هن جا ڪل سترهن ڪتاب ڇپيل ملن ٿا. سندس سنڌي شاعريءَ ۾ 1- ”سارنگ“ 1954ع 2- ”سڄڻ سفر هليا“ – 1967ع 3- ”پيهي منجهه پاتال“ 1961ع 4- ”غزل“ 1972ع، سندس اهي چارئي مجموعا، قابلِ ذڪر آهن.

”هو انهن اديبن ۽ شاعرن مان هو جن ڪراچيءَ ۾ ترقي پسند تحريڪ جو بنياد رکيو. هن سڀ کان اول سنڌي زبان ۾ ”آزاد نظم“ لکيو. هو بلند پايه شاعر هجڻ سان گڏ نقاد، افسانه نويس، تاريخدان ۽ مضمون نويس به هو.“ (13)

هن مان واضح ٿئي ٿو ته شيخ عبدالرزاق ”راز“ سنڌيءَ ۾ پهريون آزاد نظم لکندڙ شاعر هو جنهن سڀ کان پهريائين سنڌي زبان ۾ آزاد نظم لکيو. هن جو جديد شاعريءَ ۾ نه صرف تجربو ملي ٿو پر وقت ۽ حالتن جي به عڪاسي ملي ٿي، اچو ته شيخ راز جي پنهنجي زباني ٻڌون.

”سنڌي سرڪل جي اجراءِ سان سنڌيءَ ۾ جديد ادب جو آغاز ٿيو مون آزاد نظم، نارائڻ شيام، سانيٽ ۽ شيخ اياز مقفيٰ نظم ۾ نوان تجربا ڪيا. سنڌي ادب ۾ منهنجو آزاد نظم غالباً پهريون آهي جو اياز جي ’اڳتي قدم‘ رسالي ۾ 1944ع ۾ شايع ٿيو. ان کان پوءِ ٻيا ڪيترائي آزاد نظم، گوبند مالهيءَ جي ”پرهه ڦٽي“ ۾ ڇپيا. اهو زمانو سنڌي ادب لاءِ نئين موڙ جو دور هو.“ (14)

”راز“ جي شاعري، ماضيءَ جي ماحول کي ڇڏي هڪ نئين راهه ڏانهن گامزن ٿي آهي. سندس شاعري فقط اسلوب جي انڪاري نه آهي. پر داخلي، خارجي ۽ فني لحاظ کان

ٻه هڪ وڏي تبديلي آهي. سندس شاعري سندس زندگيءَ جي ترجمان آهي ۽ سندس گرد راه سفر جي آئينه دار. خارجي ماحول فنڪار جي داخلي زندگيءَ تي نهايت شدت سان اثرانداز ٿيندو آهي... جدت جي باوجود هن ڪنهن ٻه جاءِ ۽ ڪنهن ٻه موقعي تي ٻي راهه روي اختيار نه ڪئي آهي.“ (15)

شيخ ”راز“ جو پهريون آزاد نظم ”غريبي ۽ اميري“ جي عنوان هيٺ شيخ اياز جي ادارت ۾ نڪرندڙ ماهوار رسالي ’اڳتي قدم‘ ۾ شايع ٿيو.

”سال 1945ع ۾ گوبند مالهي ۽ سوڀي گيانچندڻيءَ جي سرڪردگيءَ هيٺ، انجمن ترقي پسند مصنفين جو بنياد رکيو ويو. گوبند مالهيءَ ان انجمن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ شاگردن جو سهارو ورتو. هر ڪنهن کي سنڌيءَ ۾ صحتمند ادب پيدا ڪرڻ جو جنون هو. اڳتي هلي 1947ع جي اوائل ۾ شيخ اياز شڪارپور مان ”اڳتي قدم“ رسالو جاري ڪيو. جنهن ۾ هن ظاهر ظهور مارڪسزم جي تائيد ڪئي ۽ جديد ادب کي سوشلزم جي اصولن تي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ساڻ ساڻ ان رسالي ۾ هر پراڻيءَ روايت سان بغاوت جو سعيو ڪيو ويو.“ (16)

مارچ 1970ع ۾ نئين زندگي ۾ شايع ٿيل راز جو مقالو ”سنڌي ادب ۾ جدت پسند تحريڪ“ ۾ هن پنهنجي پهرين آزاد نظم جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن جو ”اڳتي قدم“ رسالي ۾ شايع ٿيڻ جو ذڪر ڪيو آهي، مختصر طور اهو آزاد نظم جو نمونو ٻه ڏنو آهي.

ماهوار ”اڳتي قدم“ شڪارپور، ”هي رسالو شيخ اياز جي ايڊيٽري هيٺ آڪٽوبر 1947ع کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ برک اديبن جا مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر ڇپبا هئا. هڪ پرچي کان وڌيڪ ڪونه نڪتو جيڪو موتي پرنٽنگ پريس لکي در شڪارپور ۾ ڇپيو هو.“ (17)

’اڳتي قدم‘ رسالي کان سواءِ ماهوار ’پرهه ڦٽي‘ ڪراچيءَ ۾ ٻه آزاد نظم شايع ٿيا، جيڪو گوبند مالهي ڪيندو هو. هيءُ رسالو 1945ع ۾ جاري ٿيو هو.

ڊاڪٽر انور ”فگار“ هڪڙو شڪارپور جي صحافتي تاريخ ۾ ’اڳتي قدم‘ رسالي جو ماهه آگسٽ 1947ع جاري ٿيڻ جو ماه ۽ سال ٻڌايو آهي. (18) جڏهن ته الهه رکئي ٻٽ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي رسالن جي تاريخ“ ۾ ڄاڻايو آهي ته فقط هڪ پرچو جاري ٿيو جيڪو پهريون ۽ آخري هو. جنهن آڪٽوبر 1947ع ڄاڻايو آهي. حوالو مٿي ڏنو ويو آهي. ڊاڪٽر انور ”فگار“ جي تحقيق موجب ته ٽي رسالا جاري ٿيا.

شيخ عبدالرزاق ”راز“ پنهنجي مقالي ”جديد سنڌي شاعريءَ (جائزو)“ ۾ پنهنجي پهرين آزاد نظم بابت رقم طراز آهي تہ : ”آزاد نظم جو آغاز، راقم الحروف جي ”اميري ۽ غريبي“ جي شايع ٿيڻ کان پوءِ 1943ع ۾ ٿيو.“ (19)

”راز“ مرحوم وري پنهنجي ٻئي مقالي ”سنڌي ادب ۾ جدت پسند تحريڪ“ ۾ پنهنجي پهرين آزاد نظم جو ذڪر ڪيو اهي. ”منهنجو هڪ آزاد نظم پڻ ”اڳتي قدم“ ۾ شامل ڪيو ويو. جو غالباً سنڌي شاعريءَ م پهرين فني تجربو آهي.“ (20) راز جي پنهنجي لکڻيءَ ۾ ئي تضاد آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو تہ 1943ع ۾ پهريون آزاد نظم شايع ٿيو ٻئي مقالي ۾ وري ’اڳتي قدم‘ رسالي ۾ ڇپيل آزاد نظم کي پهريون آزاد نظم سڏي ٿو. حالانڪہ ماهوار رسالو اڳتي قدم سال 1947ع ۾ جاري ٿيو. جيڪڏهن انهيءَ کي صحيح ٿا سمجهون تہ پوءِ 1943ع ۾ ڪهڙي رسالي ۾ پهريون آزاد نظم شايع ٿيو؟ مان سمجهان ٿو تہ ”راز“ مرحوم کان سن لکڻ جي غلطي ٿي ويئي آهي. هيٺ سندس اهو پهريون آزاد نظم ڏجي ٿو.

## غريبي ۽ اميري

هي تو آواز ٻڌو؟
ڪنهن جي آسفتہ سريءَ جو آواز
آ هلي هيڏي تون، آ منهنجي قريب
هو ڏيئہ سامهون جو آهہ قصر بلند
ڪنهن تونگر جو اهو آهہ محل،
مون کي هن مان ٿي اچي خون جي بُو
جنهن جي بنياد ۾ مزدور جو گوشت
جنهن ۾ مفلس جي لهُو
تون ڪٿهڙي جي ڏسين ٿي هينان
ياس و حرمان ۾ ٻڏل هڪ انسان
جڻڪہ دنيا کان بنهہ آ بيزار
ڇانئجي جنهن تي ويو دور خزان
جنهن جو دنيا ۾ نہ ڪو پنهنجو آهہ
جنهن جو گهر آهہ اها فٽ پيري
جنهن جي ميراث اهو آهہ ڪتو

گودڙي ايءَ ۾ اهو ئي ڪشڪول -
ڪجهہ تہ سوچي ٿو مگر
پنهنجي ميراث ڏسي
۾ ڏسي شاهي محل
ڪيس ٿو رشڪ اچي
گئلري ڪي ٿو ڏسي
هو ڏسين ٿي؟ زروزربفت ۾ ملبوس حسين
يعني ساڙهيءَ جي دمڪ
زرو زيور جي چمڪ
ترورا منهنجي اکين ۾ ٿا اچن
آهہ هيرن جي ڪٺين جو هي هار
ڪيئن نہ چهٽي پيو آ گردن سان!
هو تہ ڏس! ڪيئن ٿي ڏسي نفرت سان
يعني انسان کي حيوان سمجهي
مفلسيءَ تي ٿي کلي اڄ ميري
هھڙي محبوب حسين
جنهن جي دل موم هجي
آهہ ڇو پٿر دل؟
بہَس اميري جي اها آهہ سند!! (21)

”ڪراچي ڊي جي (D.J) سنڌ ڪاليج ۾ شاگرديءَ دوران شيخ اياز شيخ راز نارائڻ شيام ۽ ٻين جديد نظم جا تجربا ڪندي آزاد نظم لکيا. ان جي پس منظر ۾ سندن مغربي ۽ اردو شاعريءَ جو مطالعو هو. اهڙي طرح اياز راز شيام ۽ هري دلگير سنڌي شاعريءَ ۾ آزاد نظم جا سچا پچا باني آهن.“ (22)

ميڪده حيات ۾ گوندر گس ملي ٿو.
درد ۽ رنج ۾ لبريز زمانو سارو.
وقت آيو تہ اجهو ڇلڪي پيو.
هر طرف شور عنادل اهي.
ڄڻ تہ گلشن ۾ لڳي آهہ باهہ!

يعني گلشن جو سچو روپ ۽ رنگ ويو مٽجي.
جڏهن تہ دنيا جو ٿيو ختم فسانو سارو. (23)
زمان و مڪان ۾ زندگيءَ جي ٻوڙ قصو آهي،
ڇڏي ڏي منهنجي جان! زمان و مڪان جا هي قصا پراڻا ڇڏي ڏي.
اسان هن زمان و مڪان جا تہ پابند ناهيون، ٻڌين ٿي؟
جواني اسان جي مشقت ۽ محنت ۾ گذري وئي آهي
گوارا خدا کي نہ، محنت اسان جي رهي آهي! (24)

آزاد نظم جي سلسلي ۾ شيخ عبدالرزق ”راز“ جون آڳاٽيون ڪوششون آهن، جنهن سنڌي ادب ۾ آزاد نظم کي رائج ڪرڻ لاءِ نہ صرف آزاد نظم تخليق ڪيا، بلڪ آزاد نظم جي دفاع ۾ مقالا بہ تحرير ڪيا، جيڪي اڄ بہ آزاد نظم جي عظمت کي ظاهر ڪن ٿا.

ان کان پوءِ ٻين شاعرن بہ آزد نظم لکڻ شروع ڪيا. نارائڻ شيام ۽ هري دلگير جن تہ ”ماڪ ڦڙا“ نالي شاعريءَ جو مجموعو بہ ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن ۾ آزاد نظم بہ ڏنا ويا آهن. 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيندڙ مهراڻ رسالو رهيو. شيخ عبدالرزاق ”راز“ جا ”داستان غم نہ ڇيڙ“، ”زمان و مڪان“ حيات“ ۽ ”مومل جو اوسيئڙو“ هن جا شاهڪار آزاد نظم آهن.

## آزاد نظم جو فن:

آزاد نظم کي انگريزيءَ ۾ فري ورس (Free Verse) چيو ويندو آهي. هن کي فرانسيسي ۾ ”Lovers’ Verse Libre) چيو ويندو آهي. هي 19 هين صدي جي آخر ۾ علامت نگاري (Symbolism) تحريڪ جي اثر هيٺ وجود ۾ آيو. هن جي فن تي انگريزي توڙي فرانسيسي ٻولين ۾ لکيو ويو آهي. پر اسان وٽ ننڍي کنڊ ۾ بہ هن صنف جي فن ۽ فڪر تي روشني وڌي ويئي آهي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ تہ وڏا بحث ڪيا ويا آهن. سنڌيءَ کان بہ وڌيڪ اردوءَ ۾ هن صنف جي حمايت ۽ مخالفت ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي. هتي آزاد نظم جي فن تي مختصر روشني وجهنداسين ’جيئن هيءَ صنف‘ فن جي حوالي سان مُ نجهيل نہ رهي. ڇاڪاڻ تہ اڄ تائين بلينڪ ورس ۽ آزاد نظم کي هڪ ڪري سمجهيو وڃي ٿو. آزاد نظم جي لکڻ جو طريقو الڳ آهي ۽ بلينڪ ورس يعني بنا قافيي نظم لکڻ جو طريقو بلڪل الڳ آهي. بلينڪ ورس معروضي آهنگ کي قبول ڪري ٿو. هن لاءِ بيروني اسٽرڪچر ضروري آهي. هن صنف ۾ يعني بلينڪ ورس ۾

وزن بحر ٿيندو آهي پر قافيو ۽ رديف نہ هوندو آهي. مروج ڪنهن بہ بحر ۾ اسان لکي سگهون ٿا. پر آزاد نظم ۾ بيروني يا معروضي آهنگ مقرر ناهي. يعني هن لاءِ عروض جي جامد يا مقرر ڪيل پابندي ناهي.

آزاد نظم جي فن جي حوالي سانِ اهو ثابت ٿئي ٿو تہ آزاد نظم مروج عروضي پيرايي کي قبول ڪري ٿو پر پنهنجي ترتيب سان. يعني ڪنهن بہ بحر جي وزن تي آڌاريو وڃي ٿو پر ان جو استعمال پنهنجي مرضيءَ موجب آهي.

هن ۾ خارجي آهنگ ٿيندو آهي. هن ۾ عروضي ايڪن جي استعمال جي ڪري. مصرعون ٿين ٿيون. پر جوڙي يا بند جي صورت ۾ نہ. هي عروضي وزن جي پنهنجي ترتيب سبب موسيقيت رکي ٿو جنهن ڪري هن ۾ خارجي آهنگ ٿيندو آهي.

هن کي ڳائي بہ سگهجي ٿو ۽ آزاد نظم جو ڪوبہ قسم نہ ٿيندو آهي. نظم معري ۽ آزاد نظم هڪ شيءِ نہ آهن. بلڪ نظم مصري هڪ الڳ صنف آهي ۽ آزاد نظم هڪ الڳ صنف آهي جنهن جا پنهنجا لوازمات آهن. نظم معري مروج بحر وزن ۾ لکيو ويندو آهي. پر ان جي آخر ۾ قافيو نہ هوندو آهي. مصرعون سڀ يڪسان هونديون آهن ۽ هم وزن هونديون آهن. پر آزاد نظم جون مصرعون يڪسان نہ هونديون ۽ نہ وري هم وزن هونديون آهن.

آزاد نظم ۾ مختلف بحرن جو استعمال صرف هڪڙي صورت ۾ ممڪن آهي تہ طويل آزاد نظم جي مختلف حصن کي مختلف بحر وزن ۾ لکي سگهجي ٿو پر مختصر نظم ۾ يا طويل آزاد نظم جي هڪ ئي حصي ۾ مختلف مصرعن ۾ بحر وزن جو استعمال فني نڪتہ نظر کان ڪنهن بہ طرح مناسب ناهي.

آزاد نظم ۾ قافيہ، رديف ۽ اصناف سخن جي روايتي قانونن ۽ ضابطن کان پاسو ڪيو ويو آهي. آزاد نظم ۾ هيئت مواد جي تابع ٿيندي آهي ۽ آهنگ خيال جو ئي هم قدم ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري هيئت غير متعين ۽ ان جو آهنگ متنوع ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري بي هيئت هئڻ باوجود بہ آزاد نظم جي هڪ هيئت آهي. جيڪا نثر ۽ باضابط نظم ٻنهي جي خصوصيتن جو امتزاج هئڻ جي باوجود بہ هڪ ٻئي کان مختلف آهي.

آزاد نظم ۾ گهڻو ڪري قافيو يا رديف استعمال نہ ٿيندو آهي. پر انهن جي پابندي بہ ناهي، يعني جتي اچي تہ ان کي آڻي سگهجي ٿو. پر رديف مصرع جي صورت ۾ يا اڌ مصرع جي صورت ۾ ڪن طويل آزاد نظمن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي.

آزاد نظم ۾ مروج عروض کان انحراف جي باوجود عروض کان مڪمل انقطاع ناهي. بلڪ هڪ نئون انداز ۾ نئين صورت ظاهر ٿئي ٿي، جيڪا عروضي فن جي واقفيت کان سواءِ ممڪن ناهي.

ٻئي طرف وقفن جي استعمال ۾ انهن جي تنظيم ۾ ترتيب ۾ روايتي شاعرن جي مقابلي ۾ آزاد نظم جي شاعرن کي وڌيڪ شعوري ڪاوش ڪرڻي پئي ٿي. فني اهتمام جي اها صورت، جنهن کي بصري تقطيع جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو اهو ئي شاعر ڪري سگهي ٿو جيڪو اعليٰ درجي جي مهارت رکندو هجي. ان سلسلي ۾ جي ايس فرازر (G.S Fraser) جو خيال آهي ته آزاد نظم جي مؤثر هئڻ جو دارومدار انهيءَ ڳالهه تي آهي ته شاعر کي روايتي عروض تي مهارت حاصل هجي. ڇو ته روايتي عروض لڳ ڀڳ شاعري جي فطرت ثابت ٿي چڪو آهي.

“Free Verse, where it is effective depending in the poet in the poet on a westerly of traditional matrics that has more or less be come second nature” (25)

روايتي عروض جي لاءِ ايل. ايس هارس (L.S Harris) جو خيال به ساڳيو ئي آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب دي نيچر آف انگلش پوئٽري (The Nature of English Poetry) ۾ ڪيو آهي. انگريزي شاعري ۾ اهڙا مثال، اسان کي ازرا پائونڊ ۾ ٽي. ايس. ايليٽ جي شاعري ۾ به ملن ٿا.

انهيءَ حوالي سان سنڌي آزاد نظم جو ته بنياد ئي روايتي عروض تي رکيو ويو آهي. پر اڪثر نوجوان شاعرن وٽ روايتي عروض جو به انحراف ملي ٿو جن، عروض ۾ چند کي ملائي نوان وزن ترتيب ڏنا آهن ۾ خيال کي تقويت ڏيندي، عروض جي پرواهه ڪرڻ کان بغير اڳتي وڌندا ويا آهن. جيڪو آزاد نظم جي فن سان سنئو سلوڪ ناهي. چند سنڌيءَ جا شاعر آهن، جن آزاد نظم جي لوازمات کي پورو ڪيو آهي، يعني آزاد نظم جي فن ۾ فڪر سان نڀايو آهي.

هڪ ئي وقت مختلف بحر وزن جو استعمال اهو ئي شاعر ڪري سگهي ٿو جنهن کي علم عروض تي مهارت حاصل هجي، نه ته ٻي صورت ۾ اڪثر شاعر بي راهه روي جو شڪار ٿي وڃن ٿا ۾ هتي اڪثريت بي راهه روي جو شڪار آهي. سنڌو شاعر هڪ ئي وزن کي پنهنجي مرضيءَ موجب يا گهرج پٽاندر بحر وزن جو استعمال ڪري ٿو. جيڪڏهن انهن لوازمات کي سامهون نه رکيو ويو ته شايد پوءِ آزاد نظم ۾ نثري نظم ۾ فرق ڪرڻ به ڏکيو ٿي پوندو، جيڪڏهن فرق نٿا ڪريون ته پوءِ هڪ ئي نالو تجويز ڪيو وڃي، يعني ان جو

نالو ”آزاد شاعري“ رکيو ويجي پوءِ اهي سڀ مقرر نالا متايا وڃن، هتي سموري بحث مان اهو ثابت ٿيو تہ آزاد نظم لاءِ فن جو استعمال ضروري آهي.

## سنڌيءَ ۾ نثري نظم جو فن ۽ ارتقا جو جائزو:

هن کي انگريزيءَ ۾ ”پروز پوئم“ (Prose Poem) ڪوٺيو ويجي ٿو جنهن جو سنڌي ترجمو نثري نظم ئي ٺيڪ ٿو لڳي، پر سنڌيءَ ۾ نثراڻو نظم ۽ شعري نثر سان بہ لکيو ويو آهي، يا لکيو ويجي ٿو هن کي نظماڻي نثر، نظمي نثر، يا شاعراڻي نثر (Poetic Prose) سان بہ منجهايو ويجي ٿو حالانڪ انهن ۾ درجي بہ درجي جو فرق نمايان آهي. نثري نظم جا ٻيا قسم اڳي بيان ٿي چڪا آهن، جن ۾ اهڙي وضاحت ڪئي ويئي آهي.

ادب لطيف، شاعرانو نثر يا نظماڻو نثر لاءِ زمين هموار ڪئي تہ شاعراڻي نثر جي ڇٽيل ٻج مان، نثري نظم جي صورت ۾ خوبصورت ٻوٽو ظاهر ٿيو جنهن ۾ هزارين حسين، سهڻا رنگين گل شامل آهن، اهڙن خوبصورت گلن جي ٽڙڻ ڪري سنڌي ادب هن جي سڳنڌ سان واسجي ويو آهي، اهو ئي سبب آهي جو نثري نظم اڪثر شاعر خوبصورت پيرائي سان لکي رهيا آهن، هن صنف جا ٻيا بہ ٽي قسم آهن جن مان ٻن جو ذڪر ڪري آيا آهيون ۽ چوٿون، جيڪو تجريدي نظم (Abstract Poem) جي روپ ۾ ظاهر ٿيو آهي، هن جو بيان اڳتي ايندو. تجريدي نظم بہ نثري نظم جي گهاڙيتي ۾ شمار ٿئي ٿو. تنهنڪري هت ان کي چوٿون قسم ڪري شامل ڪيو ويو آهي. هن صنف کي ”ڪويتا“ يا ”نئين ڪويتا“ جي نالي سان بہ لکيو ويو آهي، اڪثر ڪري هندستان ۾ سنڌي شاعرن هن صنف کي ”نئين ڪويتا“ جي نالي سان سرجيو ويو آهي. يا تخليق ڪيو ويو آهي، پر ڳالهہ ساڳئي آهي.

نثر جي معنيٰ آهي. ”ٽڙيل پکڙيل“ ۽ نظم جي معنيٰ آهي: ”پوبل يا پوتيل“ هن جي اصطلاحي معنيٰ ليکبي: اهو نظم جيڪو ٽڙيل پکڙيل هجي“ يعني هن ۾ بي ترتيب ردم، نثري آهنگ هجڻ ڪري، هن ۾ اها لچڪ آهي، جو آواز ڪڏهن مٿاهين طرف اڀري هيٺ لهندا ۽ هيناهين کان مٿاهين طرف ورندا. اهڙي لاهہ چاڙهہ جي ڪري آهنگ ۾ خاص طور نثري آهنگ ۾ اها لچڪ آهي، هن جو تفصيل ٻئي باب ۾ پيش ڪري آيا آهيون. هت انهيءَ جو دهرائڻ يا ورجائڻ اجايو آهي. نقادن هن ڳالهہ جو نوٽيس ورتو تہ اهو نالو ئي غلط آهي. ٻيا نالا ڏنا ويا پر اهو ساڳيو ئي نالو مقبول عام ٿي ويو. اردوءَ جي معتبر شاعر فيض احمد فيض جي راءِ موجب: ”نظم نظم آهي ۽ نثر نثر آهي.“ پرتنهن هوندي بہ

فيض پاڻ آزاد نظم لکيا آهن. سندس آزاد نظم: ”بول کہ لب آزاد ہیں تیرے“ مشهور آهي. جنهن کي وائيسز گروپ ڳايو بہ آهي، نثر ۾ خود نثري نظم هڪ قسم آهي. هن کي الڳ انهيءَ ڪري بيهاريو ويو آهي جو هي ادب لطيف، شاعراڻو نثر يا نظماڻو نثر ۽ تجريدي نظم کان بلڪل جدا سڃاڻپ رکي ٿو. هن جي فن جي وضاحت اڳي ڪئي ويئي آهي، شعوري طور نثري نظم کي رواج ۾ آڻڻ جي تاريخ ڪا پراڻي ڪونهي. سنڌي ادب ۾ هي ترجمي جي صورت ۾ پهريائين وجود ۾ آيو. جيڪي ڪتابي صورت ۾ بہ ڇپجي منظر عام تي آيا. 1920ع کان پوءِ ترجمن جي تحريڪ سنڌي ادب ۾ زور ورتو. جنهن جي نتيجي ۾ شاعراڻو نثر ۽ نثري نظم وجود ۾ آيا. سنڌي ادب ۾ نثري نظم، ترجمي جو ئي محتاج رهيو آهي. اردو ادب کان سنڌي ادب ۾ هيءَ تحريڪ، گهڻو اڳ شروع ٿي چڪي هئي.

شعوري طور تي نثري نظم کي رواج هيٺ آڻڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون ويون سي ستر واري ڏهاڪي ۾ ئي عمل ۾ آيون، جنهن پنهنجي حيثيت مڃرائي آهي. هن صنف تي سڀ کان پهريون، طبع آزمائي ڪرڻ وارا شيخ اياز، ملڪ نديم ۽ نعيم دريشاڻي آهن، جن نثري نظم کي شعوري طور اظهارجو وسيلو بڻايو ان کان پوءِ ٻين ڪيترن ئي نثري نظم لکڻ شروع ڪيا جن ۾ مدد علي سنڌي ۽ موتي لال جوتواڻي وغيره جا نالا قابلِ ذڪر آهن.

”جديد سنڌي شاعريءَ جو سفر، فارسي اسلوب کان آزادي، سنڌي لهجي ۽ موسيقيت ۾ ماحول کي برقرار رکڻ، نين راهن کي تلاش ڪرڻ، سنڌ ۽ ان جي ماڻهن سان محبت ڪرڻ، نين غير ملڪي صنفن کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ، پر ان جي باوجود پنهنجو ماحول ۽ لهجو برقرار رکڻ کان وٺي، نثري نظم تائين طئي ٿيو آهي.... سنڌيءَ ۾ نثري نظم جي روايت مغربي نثري نظم کان مختلف آهي، ڇو تہ مغرب ۾ خاص ڪري فرينچ نثري نظم ۾ وزن بحر، تہ بہ موسقيت ۽ نغمگي جي موجودگي ضروري سمجهي وڃي ٿي.“ (26)

هن ۾ ادب لطيف يا شاعراڻو نثر وانگر گرامر جي ضرورت يا گرامر جو استعمال ضروري ناهي. هن ۾ شاعراڻو تجربو بنيادي طور تي تمام ضروري آهي. ائين نہ هجي جو سمجهي تہ شاعر بحر وزن جي واقفيت نٿو رکي، تنهنڪري سولائيءَ وارو طريقو اختيار ڪري رهيو آهي. هن ۾ شاعر پنهنجي ذاتي جوابداري تي پنهنجي نئين ردم کي تخليق ڪندو آهي. هن ۾ ذاتي آهنگ، لساني آهنگ ۽ فطري آهنگ جو هجڻ لازمي آهي.

”نثري نظم جي باري ۾ البتہ اهو خيال رکڻ ضروري آهي، تہ خراب نظم کي يا ناڪام نظم کي نثري نظم طور پيش نہ ڪرڻ گهرجي، يعني نثري نظم پڙهڻ کان پوءِ اهو احساس نہ ٿيڻ گهرجي، تہ ”جب ڪڇ نہ بن سڪا تو ميرا دل بناديا“ هن جا ڪجھ فني

لوازمات آهن. جنهن مان پهريون اهو آهي، تہ نثري نظم ۾ هڪ اهڙو آهنگ هجي جو هن کي عام نثر کان الڳ ڪري سگهي. ٻيو اهو ثابت ٿي وڃي تہ عروضي بندش کي ٽوڙڻ جو جواز خود نثري نظم جي اندر پاتو وڃي ٿو. نثري نظم کي پڙهي اهو محسوس نہ ٿئي تہ شاعر جو عجز بيان، فن کان ناواقفيت، يا اهو آسانيءَ جو نتيجو آهي، پر اهو تاثر، مرتب هئڻ گهرجي تہ شاعر شعر جي تخليق جي سمورن جزن ۽ عنصرن کان واقف هئڻ کان پوءِ اها آزادي حاصل ڪري رهيو آهي، هي هڪ وڏيڪ ذميواري جو ڪم آهي.“ (27)

## سنڌيءَ ۾ نثري نظم جي ارتقا:

ڏٺو وڃي تہ نثري نظم جا نقش ۽ اهڃاڻ دنيا جي قديم ڪتابن ۾ بہ ملن ٿا. خاص طور تي مذهبي ڪتاب قابلِ ذڪر آهن. سنڌوءَ ڪناري لکيل رگ ويد ۾ بہ نثري نظم وارو نمونو ملي ٿو پر باقاعده طور، صنف طور، نثري نظم جي ابتدا، فرانس کان ٿي، جنهن جو پهريون مؤجد ’جيڪي برنندبس‘ آهي، جنهن جو مجموعو ’گارليند آف دي نائيٽ‘ جي نالي سان 1842ع ۾ پڌرو ٿيو. اسان وٽ سنڌي ادب ۾ نثري نظم چئن قسمن ۾ لکيو وڃي ٿو.

1. ادب لطيف 2. نظمي نثر/ شاعراڻو نثر 3. نثري نظم ۽ 4. تجريدي نظم.

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نثري نظم، جديد صنف جي صورت ۾ ظاهر ٿيو آهي، عام طور ادبي حلقي ۾ ائين ٿو سمجهيو وڃي تہ نثري نظم معنيٰ بحر وزن، رديف ۽ قافيي کان آزاد آهي، خراب ۽ ڇڙواڳ نثر کي نثري نظم جو نالو ڏنو وڃي ٿو آزاد نظم ۽ نثري نظم جي وچ ۾ جيڪو فني فرق آهي، ان کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو.

ورهاڱي کان اڳ، سنڌي ادب ۾ سڀ کان پهريائين نظماڻي نثر جا آثار آخوند عزيز الله جي، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل قرآن مجيد ۾ ملن ٿا، هن کان پوءِ جا جيڪي بہ ڪتاب آهن، گهڻو ڪري مذهبي آهن، سي نظماڻي نثر ۾ لکيل آهن، 1932ع کان وٺي ’ادب لطيف‘ جي نالي سان ڇپيل تحريرون ملن ٿيون. جيڪي جهامنداس ڀاٽيا لکڻ شروع ڪيون هيون، جيڪي ’سنڌو‘ رسالي ۾ ڇپيل ملن ٿيون، ادب لطيف جي حوالي سان ڪيئلداس فاني (شيخ اياز جو ادبي استاد)، ع. ق شيخ ۽ امرتراءِ شيام جئسنگهاڻي جا نالا قابلِ ذڪر آهن، جئسنگهاڻيءَ جو ڪتاب: ”پينوءَ جي سوغات“-1955ع ۾ ڇپيو انهن کان علاوه ادب لطيف ٻين شاعرن بہ لکڻ شروع ڪيو جيڪي ٽماهي ”مهراڻ“ ۾ ڇپيل ملن ٿا، ان کان علاوه ’نئين زندگي‘ رسالي ۾ بہ لکندا رهيا آهن. سنڌي ادب ۾ ادب لطيف،

شاعراڻي نثر لکڻ جو جواز پيدا ڪيو ۽ شاعراڻي نثر، نثري نظم لکڻ لاءِ ميدان هموار ڪيو. نثري نظم وڏندي وري تجريدي نظم کي پنهنجي ميدان ۾ جاءِ ڏني.

اصل ۾ نثري نظم ترجمي جي مدد سان ئي گهڻو رائج ٿيو نثري نظم دنيا ۾ ترجمي جوئي احسانمند آهي. اهڙي طرح سنڌي ۾ اوائلي نثري نظم جو مثال ديوان ڏيارام گدومل جي ڪتاب: 'ڇهبڪ من لاءِ' آهي، ان ڪانسواءِ سندس ڪتاب 'رهاڻ' به اهم آهي، لعل چند امر ڏنو مل جڳتياڻي جو ڪتاب: 'سدا گلاب' 1947ع ۾ نثري نظم جو بهترين مثال آهي، هن ڪتاب ۾ پنهنجي نثري نظمن کان علاوه ٽئگور جي ڪتاب گارڊنر (Gardner) 'باغبان' جو ترجمو به شامل آهي. ٽئگور جي ڪويتائن جو ترجمو ڪرشن ڪرپالاڻي صاحب به 'شاهه جهان' جي نالي سان ڪيو آهي، جيڪو ساليانيِ مخزن 'انڊس' (Indus) ۾ ڇپيل ملي ٿو. انگريزي شاعر سرايڊون آرنوليڊ جي ڪتاب 'Light of Aria' جو سنڌي ترجمو نظماڻي نثر ۾ 'پورب سنديش' جي نالي سان 1937ع ۾ ڇپيل ملي ٿو جنهن کي ديوان ڏيونداس ڪشناڻي ترجمو ڪيو آهي. 1940ع ۾ ٽئگور جي ڪتاب 'ڪريسنٽ مون' (Crescent moon) جو سنڌي ترجمو ارجن ايسراڻي 'ٻال چندرما' جي نالي سان ڪيو. انهيءَ سال وري، 'پريت جا گيت' جي نالي سان منگهارام ملڪاڻيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب ملي ٿو جيڪو ٽئگور جي ڪتاب 'گارڊنر' تان ترجمو ڪيو ويو. سن 1926ع ۾ جرمن جي عظيم ڪوي 'گوئٽي' جي ڪتاب 'فائوسٽ' جو سنڌي ترجمو نظماڻي انداز ۾ ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي ڪيو. 1925ع ۾ ٽئگور جي نثري نظمن جو ڪتاب 'گيتانجلي' جو سنڌي ترجمو پروفيسر لطف الله بدوي ڪيو. 1942ع ۾ رتن ساهتيه منڊل وارن شايع ڪرايو. ان ڪانسواءِ سندس ٻيو نثري نظمن جو ڪتاب 'جوانيءَ جا جذبا پيريءَ جون يادون' سال 1957ع ۾ ڇپيل ملي ٿو. پروفيسر خوشيرام واسواڻي ٽئگور جي ٽن ڪتابن: 'ڪريسنٽ مون'، 'گارڊنر' ۽ 'گيتانجلي' مان ڪيتريون ئي ڪويتائون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ماهوار 'سنڌو' شڪارپور ۽ 'قليلي' حيدرآباد ساليانيِ مخزنن ۾ ڇپايون ويون.

ورهاڱي کان اڳ جي نثري نظم ۾ هڪ ڳالهه اهم نظر آئي، اها هيءَ ته اسان اڳ ۾ جن به ڪتابن جو ذڪر ڪيو اهي ترجمو ٿيل ڪتاب هئا، ان مان ثابت ٿئي ٿو ته ترجمي جي مدد سان ئي، نثري نظم، سنڌي ادب ۾ داخل ٿيو آهي، عالمي ادب جي تاريخ ۾ به نثري نظم جي وجود ۾ اچڻ جا امڪان ترجمو ئي پيدا ڪيا آهن.

ورهاڱي کان پوءِ به جهامنداس ڀاٽيا، ادب لطيف لکندو رهيو. جيڪي مهراڻ ۽ 'نئين زندگي' رسالن ۾ ڇپجندا رهيا. ادب لطيف جي حوالي سان خليل جبران جي ڄڳ

مشهور مجموعي ’دي پرافيٽ‘ (The Prophet) جو سنڌي ترجمو ’پيغامبر‘ بہ اهم حيثيت رکي ٿو. هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ستار صاحب ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ منصور قادر جوڻيجي ۽ انور ضياء عباسي، قاضي نذر الاسلام جي ڪتاب جو ترجمو ’منهنجي ڌرتي منهنجا گيت‘ جي عنوان سان ڪيو جيڪو 1985ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

ادب لطيف جي حوالي سان عبدالواحد آريسر جو ڪتاب ’چانڊوڪيون ۽ چيٽ‘ 1987ع ۾ پڌرو ٿيو ان کان علاوه اڪبر سومري جو ڪتاب ’ڪيسوڦل‘ جيڪو 1990ع ۾ شايع ٿيو ادب لطيف جا اهم ڪتاب آهن.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي هندو اديب ۽ شاعر هندستان لڏي ويا. جنهن ڪري 1948ع کان 1950ع تائين سنڌي ادب ۾ ماٺارڇانيل رهي، 1956ع ۾ هريرام ماڙيولا، ٽئگور جي ڇهاسي نظمن جو ترجمو نثري نظم جي انداز ۾ ڪيو جيڪو ’ڦل چونڊ‘ جي سري هيٺ پڌرو ٿيو.

ترجمن جي حوالي کان پوءِ نثري نظم جو ذڪر بطور صنف ڪنداسين جن ۾ طبعزاد نثري نظم جا ڪتاب شايع ٿيا. سنڌي ادب ۾ باقاعده طور هن صنف کي رواج ۾ آڻڻ لاءِ ورهاڱي کان پوءِ شيخ اياز جو نالو ملي ٿو. آزاد نظم جي ميدان ۾ سنڌي ادب ۾ پهريون نالو شيخ عبدالرزاق راز جو ملي ٿو پر سنڌيءَ ۾ نثري نظم کي رائج ڪرڻ لاءِ شروعاتي ڪوششون شيخ اياز ڪيون.

نثري نظم جي تخليق جي سلسلي ۾، خاص طرح ستر وارو ڏهاڪو اهم آهي. ان ۾ شيخ اياز کان علاوه ڊاڪٽر تنوير عباسي، ملڪ نديم، ڊاڪٽر نعيم دريشاڻي ۽ ايم. اي عالماڻي جون خدمتون قابل داد آهن.

نثري نظم جي وسيع ميدان ۾ شيخ اياز جون خدمتون شروعاتي آهن. جنهن ۾ سندس ڇپيل ڪتاب: ”اڪ جون ڦلڙيون پيچ پني“ اهم آهي. ان کان علاوه سندس ٻيا مجموعا بہ گهڻو دير سان منظر عام تي آيا. انهن مان،پٽڙ ٿو پُور ڪري‘، ’ٽڪرا ٽڪل صليب جا‘ اهم آهن. ان کان علاوه شيخ اياز جي ٻين ڇپيل شاعريءَ جي مجموعن ۾ بہ نثري نظم ڏٺل آهن. جن مان ’واٽون ڦلن ڇانيون‘، ’راج گهاٽ تي چنڊ‘، ’شاعريءَ جو سجدو‘ ’سر لوهيڙا ڳيپيا‘، ’جرڏيٺا جهمڪن‘، ’هرڻ اکي ڪيڏانهن‘، ’تون ڇپر تون ڇانو‘، ’اُٿي اور الله سان (دعائون)‘ ۽ ’گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا‘ وغيره ملن ٿا. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جون خدمتون، خاص طور تي آزاد شاعريءَ جي حوالي سان سندس لکيل مقالو اهم آهي، سندس ’شعر‘ نالي ڪتاب 1970ع ۾ نثري نظم ملن ٿا.

ڊاڪٽر ملڪ نديم سال 1973ع کان تجريدي نظم (بطور صنف) جو خالق قرار ڏنو ويو ۽ هن سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئين صنف متعارف ڪرائي. شاهه جو عشق، لطيف جو سال ’پيچ پيتائي‘ (1976ع) ۾ ’ساٿي‘ 1978ع ۾ پڌرا ٿيا، امداد حسيني جي شايع ڪيل ڪتاب: ’امداد آهي رول‘ ۾ نثري نظم جو رنگ ملي ٿو. هيءُ ڪتاب 1976ع ۾ ڇپيو. فتاح ملڪ جو ڪتاب: ’ڪنول پاڙون پاتال ۾‘ 1976ع ۾ ڇپيل ملي ٿو جنهن ۾ به ڪجهه نثري نظم ملن ٿا. حليم بروهي جي نثري نظمن جو طنزيه مجموعو 1976ع ۾ ’شعر بازي‘ جي نالي سان ڇپيل ملي ٿو هن جي نظمن جو ڪٿي ڪٿي بروهڪي لهجو به ملي ٿو. واجد ناز جو ڪتاب: ’منهنجا گيت زهر جي ڳيت‘ 1977ع ۾ ڇپيل ملي ٿو. جنهن ۾ بي شاعري سان گڏ نظماڻو نثر به شامل آهي. حبيب بروهيءَ جو ڪتاب ’درد جون واديون‘ 1977ع ۾ واجد جي ڪتاب سان گڏ شايع ٿيل ملي ٿو. هن ۾ به نثري نظم ڏنا ويا آهن. الطاف عباسي جو ڪتاب ’جاڙا چنڊ‘ 1979ع ۾ به نثري نظم ڏنل آهن. رسول ميمڻ جو ڪتاب: ’اوشا جي آشا‘ 1979ع ۾ به نثري نظم ڏنا ويا آهن. نصير مرزا جي ڪتاب: خوشبوءَ جي سنگ سنگ‘ 1980ع ۾ به تمام سنا نثري نظم ملن ٿا. جيڪي ردم سان ڀرپور آهن. نثار بزمي جو ڪتاب 1980ع ۾ ’وچن جا وراڪا‘ ۾ ڪجهه نثري نظم ڏنا ويا آهن.

## نثري نظم ۽ آزاد نظم ۾ فرق:

| نثري نظم (PROSE POEM) | آزاد نظم (FREE VERSE) |
|---|---|
| 1. هي مروج شاعريءَ جي عروضي پيرايي کي قبول نٿو ڪري. | 1. هي مروج شاعريءَ جي عروضي پيرايي کي قبول ڪري ٿو پر پنهنجي ترتيب سان. |
| 2. هن ۾ نثري آهنگ ٿيندو آهي. | 2. هن ۾ خارجي آهنگ ٿيندو آهي. |
| 3. هن ۾ مصرعن جي ورهاست، غزل، نظم يا آزاد نظم يا ٻئي ڪنهن به مروج شعري صنف جو مطابق نه هوندي آهي. | 3. هن ۾ عروضي ايڪن جي استعمال جي ڪري مصرعون ٿين ٿيون. پر جوڙي يا بند جي صورت ۾ نه. |
| 4. هي خارجي آهنگ جي پيروي نٿو ڪري. | 4. هي خارجي آهگن جي پروي ڪري ٿو. |

| | |
|---|---|
| 5. هي ذاتي آهنگ کان علاوه هڪ قسم جي موسيقيت بہ رکي ٿو جنهن کي ميلوڊي (Melody) چئبو آهي. | 5. هي عروضي وزن جي پنهنجي ترتيب سبب موسيقي رکي ٿو جنهن ڪري هن ۾ خارجي آهگن ٿيندو آهي. |
| 6. نثري نظم کي ڳائي نٿو سگهجي. | 6. هن کي ڳائي بہ سگهجي ٿو. |
| 7. هن جي لکڻ جا چار قسم آهن. | 7. هن جو ڪوبہ قسم نہ ٿيندو آهي. |

## حوالا:


1. شمشير الحيدري, سنڌيءَ ۾ آزاد نظم جي اوسر, ڇاپو پهريون آڪٽوبر 1987ع ص: 45.
2. ايضاً ص:46.
3. ايضاً ص:4.
4. ايضاً ص: 57.
5. ڪشنچند بيوس, شيرين شعر, ڇاپو سال 1947ع ص: 1 مطبوعہ: سندر ساهتہ آفيس ڪراچي.
6. شمشير الحيدري سنڌيءَ ۾ آزاد نظم جي اوسر, ص:59.
7. ايضاً.
8. جويو تاج, سنڌي نظم جي مني صدي (حصو ٻيو) مقابلو ماهوار لهريون ڪراچي, جلد پهريون پرچ مارچ اپريل 1997ع ص: 39.
9. شمشير الحيدري, سنڌي ۾ آزاد نظم جي اوسر, ص:60.
10. شمشير الحيدري سنڌيءَ ۾ آزاد نظم جي اوسر, ص: 80.
11. جويو تاج, سنڌي نظم جي مني صدي (حصو ٻيو) مقابلو ماهوار لهريون ڪراچي, جلد پهريون پرچ مارچ اپريل 1997ع ص: 48.
12. ڏاميجا ديال آشا ڪوتومل ڊاڪٽر- سنڌي شعر جي تواريخ-ڇاپو پهريون, جون 1984ع ص: 393-394, مطبوعہ: انجلي پرڪاش الهاس نگر.
13. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر, سنڌي ادب جو تاريخي جائزو ڇاپو پهريون, مطبوعہ, روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ص:237.
14. گرامي غلام محمد, ”مهراڻ شاعر نمبر“ شيخ عبدالرزاق راز“ ڇاپو ٻيو ڊسمبر 90 ص:118.

15. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي, "چار شاعر چار ڪتاب" (مقالو) ماهوار نئين زندگي جون 1963ع ص: 23.
16. شيخ عبدالرزاق "راز" سنڌي ادب ۾ جدت پسند تحريڪ (مقالو) ماهوار نئين زندگي مارچ 1970ع ص: 33-34.
17. ٻٽ الهہ رکيو. سنڌي رسالن جي تاريخ- (1890- 1980)- ڇاپو پهريون جولاءِ 1981ع ص: 72.
18. هڪڙو انور "فگار" ڊاڪٽر. شڪارپور جي صحافتي تاريخ –ڇاپو پهريون 2004ع ص: 101.
19. شيخ عبدالرزاق "راز". "جديد سنڌي شاعري" (جائزو) (مقالو)- ماهوار نئين زندگي آگسٽ 1966ع ص: 25.
20. شيخ عبدالرزاق "راز". سنڌي ادب ۾ جدت پسند تحريڪ, (مقالو) ماهوار نئين زندگي مارچ 1970ع ص:38.
21. شيخ عبدالرزاق "راز" اميري غريبي (آزاد نظم) ماهوار اڳتي قدم, شڪارپور ايڊيٽر:شيخ اياز, ماه سيپٽمبر 1947ع ص: 34-35.
22. جويو تاج-"سنڌي نظم جي مني صدي" (مقالو)-ماهوار لهريون ڪراچي, جلد پهريون مارچ اپريل 1997ع ص:40.
23. جوڻيجو عبداجبار ڊاڪٽر. سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٻيو)- ڇاپو پهريون 2005ع, ص 549, مطبوعہ:سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد.
+ ٽہ ماهي مهراڻ ڪراچي, 9- 1956ع ص: 69 مطبوعہ: سنڌي ادبي بورڊ.
24. ايضا.
+ ٽہ ماهي مهراڻ ڪراچي 3-1956ع ص: 46 مطبوعہ: سنڌي ادبي بورڊ
25. G.S Fraser- Metre, Rhyme and free verse-1970 London Page No:79.25
26. عباسي تنوير ڊاڪٽر. "آزاديءَ کان پوءِ جديد سنڌي شاعريءَ جي ترقي", مقالو: ٽماهي مهراڻ (سنڌي ادب سيمينار نمبر) جلد ٽيٽيهون نمبر ٻيو- 1984ع ص, ص: 52-56.
27. انصاري سحر. "نثري نظم" مضمون, ماهنامہ "آهنگ" ڪراچي, آگسٽ 1989ع ص: 31 شمارو نمبر اٺون جلد, 42- مطبوعہ شعبہ مطبعات پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن ڪراچي.